# روسامو

ڪڪي دريءَ جي ٿڌين سيخن تي مٿو رکي ويٺي هئي. نظر سندس اڇن ڪبوترائن بادلن تي ڪتل هئي. ريشمي ساڙهيءَ جا ڇڻ ڇيلهه وٽان نڪري پري پکڙجي ويا هئا، عين ان پريشان جهرڻي جيان جو جبل ۾ پاڻ نه سمائي سگهيو هجي.

ماءُ پير جي آڱوٺي ۾ اڱڻ وجهي ڪيتري دير ڪان مڙهڻ بند ڪري ڪڪيءَ جي سرير ۾ نگاهن کي ڏسي رهي هئي. رکي رکي ايرنڊڙ شرميلي راڳ کي ٻڌي رهي هئي...

جيوت جو وسريل-باب سندس اکيان کلي پيو. اڌ صدي اڳ جي جيون کي تصور پنهنجي پرن تي کڻي اچي وايومنڊل ۾ پري ڇڏيو. اهڙي تڙڦ، اهڙي دري، اهي-ئي ٿڌيون سيخون، اهوئي انتظار. سڄڻ جو خط نه آيو هو. جڏهين پرين پرديس کان آيو هو تڏهن چاڇين پينرن، پاجاين فقط گلاڻون-ئي ڪيون هيون ڪڪيءَ جي ماءُ جون ۽ نتيجي ۾ مليو هو اشوڪ واٽڪا ۾ ويٺل سيتا جي اچاٽ من جو انتظار. ورهيه گذري ويا، مندون موٽي ويئون. سڄڻ نه پاڻ آيو نه خط مڪليئين. ان وچ ۾ ڪڪي-به اچي وهياتري ٿي، مگر آسمان جا تارا روز ساڳي هيڻئي ساڳي ملولٽي کڻي نڪرندا هئا. چندرما جي پيلاڻ پسي ڪڪيءَ ماءُ جا چپ هڏبا ٿيندا ويا. ڪڏهين چند سان ڳالهيون ڪندي پڇندي هئي، "ڏوهه ڪهڙو ڪيم ٻس اهوئي نه، جو ڪڏهن قاعدي-ٻڌو ڪين ڪليم، قاعدي-ٻڌو پير نه رکيم زمين مٿان! سس نران جو روئڻو نه رنم. منهنجي پيار سان پُر سيني منجهه پلا شڪايتن جي جڳهه-ئي ڪٿي هئي؟ مون ته سڄڻ کي اهي سک جا ڇهه مهنا فقط پريت جا جام پري پري پيئارڻ تي چاهيان. ڪئين ته ساکيون ياد ڪيون هيم، ڪئين ته ڏوهيڙا ياد ڪيا هئم. پلا پرديسي پريتم کي انهن ڪانسواءِ-به ڪجهه ٻڌائڻ ضروري هو؟ مگر هاءِ ڙي پريت جا گل! تنهنجي جوڀن تي پهرو ڏيڻ لاءِ حرفت جو ڪوٽ-به اڏڻ ڪپندو هوم. ڏس نيٺ سڄڻ سڪائي ويو نه مونکي! ڪومائي ڇڏيائين نه من ڪنول!؟"

ڪڪيءَ جي ماءُ ڪان سرد آهه نڪري ويئي. ماءُ ڪڪيءَ جي ويجهو اچي ويني وري اڳٺ مڙهڻ چالو ڪري ڇڏيائين. ٿوري وقت ڪانپوءِ جڏهين سندس من ڦلهوءَ ڪان نڪري ويو، تڏهين سڏ ڪيائين "ڪڪي"

ڪڪيءَ ڪان ڇرڪ نڪري ويو. ماءُ خود ڏڪي ويئي، "ڇو ڪڪي ڊڄي ڇو ويئينءَ؟"

ڪڪيءَ ورن ورن ٿيندي چيو، "لڳيندي شايد ڪنهن خواب ۾ کوهجي ويئي هئس. لڳم ڪنهن اڪيليءَ واديءَ ۾ ويني آهيان جنهن ۾ جهرڻا پيا وهن... آس پاس ڪٿين جهنگلي گاهه ۽ گلبيتا آهن، جن مان عجيب دل سسڪيندڙ سڳنڌ پيئي نڪري. هوا پيئي وڻن جي پنن مٿان ڇن ڇن ڪندي لنگهي. منهنجا وار پيا اڏامن، ڪپڙا پيا ڏامن، تن ڪان وڌيڪ من پي ان اداس وادي ڪان پري اڏي وڃڻ لاءِ آمادو ٿئي... اڙي تون ته روئين ويني امي!"

هيٺان آواز آيو: "ڪڪيءَ ماءُ! ستسنگ ۾ ڪانه هلندينءَ ڇا؟"

ڪڪيءَ ماءُ "ها ها" ڪندي اٿي پير مان اڌ مڙهيل اڳٺ لاهي رکيو. پڇيائين "ڪڪي، مان پلي وڃان؟ تون پاڙي واري ليلان وٽ وڃي من وندرائيندينءَ؟"

رات جو جڏهين ڪڪي ساهيڙين سان ساڪيون لاڏا ڳائي گهر موٽي ته ڏٺائين ماءُ گهٽو اڳ پهچي ويئي هئي. ڪڪيءَ، ماءُ طرف ڏنوبه ڪين، الائجي ڪيئن ڪيس لڳو ته سندس ڇاتيءَ تي ڪوئي ڪٽرتا جو سينور چنبڙي پيو آهي. مونکي هيتري دک ۾ ڏسي امي تڪاڻي ۾ هلي ويئي نه!"

ماءُ چيو، "ڪڪي! ڪچٽي اهڙي رڌي اٿمانءَ جو رکي ڪچٽي پاڻڙ سانبه پيئي وٽندءِ" ڪچٽيءَ جي پلاهه جهڙي سڳنڌ ته ڪڪيءَ جي نڪ ۾ به گهڙي ويئي هئي، مگر ڪڪيءَ جي سينور ڪيس اندرين تنتن کي ڇهڻ ئي نه ڏنو.

ماءُ ٿالهي پيالي ڏڌ ڪٽوري رکي انب وڍڻ ويني. ڪڪيءَ پنهنجي چوٽيءَ کي پنيان زور سان ڇڪيندي چيو، "تو ته چيو رکي ڪچٽي کلئبي!"

"رکي ڇو کلئبي ڊول پٽ کي ڪير کارائيندو رکي ڪچٽي!"

ڪڪيءَ کي ماءُ جا هي اکر ڪوڙي دوا وانگر لڳا. ڪنهن طرح گراهي کٽي،

ڀاڙي وارين جي اوپاري لهواري هڪبئي سان ڪريبئي ماءُ ڌيئر سمهي رهيون.

ڪيتري رات ٿڪيلبئي پاسا ورائيندي رهيون. آخر هڪ ڪي جوانيءَ جي نشيبيءَ ڪيبڍاپي جي ٿڪ، ننڊ جي گود ۾ اچليئي ڇڏيو.

صبح جا ڪرڻا ڪڪيءَ جي من تان جميل سينور لاهڻ جي ڪوشش ڪري ٿپي ويا، مگر من نہ نهي نہ نهيو. منجهند گذري شام اچي ٿي، پوءِبنهي ماءُ ڌيءُ فقط ٿورا اکرئي پاڻ ۾ مس ڳالهايا.

سانجهيءَ تاڻي آسمان ننڍن ننڍن مبادلن سان جهرمر ڪيو وينو هو. هڪبن ڪڪرين ٿوريءَ وس‌مبہ ڪئي هئي. زمين مان پسيل مٽيءَ جي سڳنڌ پئي نڪتي، پري ڪنهن وڻ هيٺان هڪڙو چوڪروبنسري وڄائي رهيو هو.

ڪڪيءَ جو منبانولو ٿي ويو. وئي جومبُڪر ويڙهي چوٽ تي هلي ويئي. اداس، پري پري پکڙيل آڪاس هيٺان، چپ چاپ پٽ ۾ ليٽي پيئي. گرم پٽ مٿان هلڪيءَ وَسَ سبب پريشان ڪندڙ هڪ غبار نڪتو هو. ڪڪيءَ انجي سڳنڌ جو پورو پورو ذوق ونڻ لاءِ اکيون پوري ڇڏيون. غبار من جي پريشان وادين جي سڄ سان ٽڪرجي، رجي، پاڻي ٿي پيو ۽ ڪڪيءَ جي اکين جي ڪندن وٽان قطرا ڪرڻ لڳا. اوچتو ڪنهن اچي سندس اکين تي هٿ رکيا. ڪڪيءَ پنهنجي هٿن سان اکيونبند ڪندڙ جونبانهون ڇهي ڏٺيون... هاءِ مردانيونبانهون! ڪڪي چرڪ پري اٿي ويٺي. مورت جا سندس سامهون هئي، انکي ڏسي وائڙي ٿي ويئي. ڪيتري دير چپ ويٺي رهي. پريان مندرن جا گهنڊ وڄي رهيا هئا.

شيام پڇيو، ”سچ، تو ڏاڍو ياد ڪيو مونکي؟“ ڪڪيءَ پنهنجو ڪنڌ ڪٽي پتيءَ جي گود ۾ رکيو. شيام سندس وار سهلايا تہ ڪڪي جُهڙي پيئي. ڏينهن، رات ڪي پنهنجي وجود مٿان خوشيءَ سان وڪوڙجڻ ڏنو. شيام شيامئي نہ رهيو، راڌا جيان سندس اکڙين جل هاري ڇڏيو.

ڪنهن ڪُڏ جيبتيباري ڇڏي. ڪڪي شيام جي کيسي مان چٺي ڪڍي ورتي. ڪنهن لکي آهي هيءَ چٺي! ڏڏندڙ هٿن وارا، چڪن سان پريل، اکر ڏسي ڪڪيءَ جو من پرجي آيو. ٽڪڙو ٽڪڙو پڙهڻ لڳي، ”سڄڻ پٽ! ناني پٽنبربلبر ئي ٿيندا آهن. پوءِ ماءُ ڪي دکي ڏسي تنهنجي دل تہ دکندي نہ! ڇئہ؟ اڄ سومر جو

ورت وات ۾ اٿم، ڪوڙ نہ لکنديس. ڪڪي تو لاءِ ڏاڍي پريشان آهي. دريءَ جي سيخن تي مٿو رکي ڪڪرن کي الڪجي ڇا ڇا وينيءَبتلڪي جهيٽو جهيٽو پيئي ڳلڪي من اٿس ڏاڍو پريل. ور ور ڪيو اکيون ٿميومبہ پونس ٿيون. ڏوهہ سندس ڪهڙو آهي، سو تہ مان ڇئي نٿي سگهان، پر ڪهڙيءَبہ ڏوهہ جي سزا تي رسڻ تو جهڙي رانجهن کي ڪين سونهندو. عمر منهنجي تہملکيڻ‌ئي سڪندي گذري. سس، نران ڪڪيءَ جي پيءُ جا ڪن پري ڇڏيا. مون تہ سندن ڏکہ سور ساڻس ڪين رنا، شايد جن دکيءَ کي ڏکويو، تن سمجهو متان مان ڪجهہ سجڻ سان ڇلي وجهان، تنهن کان اڳئي سندس ڪن پري، مونکان پري ڪري ڇڏيلڪيونس. منلبار! مون جيڪي پوڳيو آهي سو مان ٿي جاڻان. وري نہ شل ڪا آندي جلڪي اهڙو ڪشٽ ڏسي، جلدي پنهنجي ڪنوار کي ڪو پيار پريو خط لکہ. مان اکين سان اها ڇني ڏسان تہ من تي ڪو ٺار پويم.

تنهنجي پريم پري ماتا. ("امي اي اي" چوندي ڪڪي ايڏي تہ ڇبيل ۾ ڊگهي ڪيڪ ڪئي جو شيام‌ئي وڏلڪڙو ٿي ويو. ڪڪي ڊڪي ڏاڪڻ ڏانهن تئي ويئي جو شيامبانهون پڪڙي پڇيس، "مونکي ڇڏي ڪيڏانهن؟" ڪڪيءَ ٿمندڙ اکيون اگهي چيو "اميءَ کان جو رني آهيان، سو پرچلڪي نہ اچانس؟"

چوندي چوندي ڪڪيءَببہ ڏاڪا ٽپندي هلي ويئي.